SINDHI

# فضيلت جو معيار تقوي آهي

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان



02-FEBRUARY-2017

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# فضيلت جو معيار تقويٰ آهي

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتکاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ به جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

حديث جي مشهور ڪتاب ترمذي شريف ۾ آهي: سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: اَوْلَى النَّاسِ بِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً يعني قِيامَت جي ڏينهن ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ منهنجي ويجهواهو شخص هوندو، جيڪو سڀ کان وڌيڪ مون تي دُرُود شريف پڙهندو هوندو. (ترمذي،ڪتاب الوتر،باب ماجاء في فضل الصلاة...الخ،۲/ ۲۷، حديث:۴۸۴) مُفَسّرِ شَهير، حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تَحت اِرشاد فرمائن ٿا: قِيامَت ۾ سڀ کان وڌيڪ آرام ۾ اهو هوندو، جيڪو حُضُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ رهي ۽ حُضُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي همراهي نصيب ٿيڻ جو ذريعو دُرُود شريف جي

ڪثرت آهي. هن مان مَعلُوم ٿيو ته دُرُود شريف بهترين نيڪي آهي جو تمام نيڪين سان جَنّت ملندي آهي ۽ ان سان بزمِ جَنّت جا گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (ملن ٿا). (مرآة المناجيح،۲/۱۰۰)

گندے نکمّے کمین مہنگے ہوں کوڑی کے تین کون ہمیں پالتا تم پہ کروروں درود

(حدائق بخشش، ص270)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ.يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

ٻه مدني گُل: 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيترايون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀڃي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## زرد چهري وارو موچي

مڪتبة المدينہ جو نهايت ئي پيارو ڪتاب، جنهن ۾ بزرگن جا نهايت دلچسپ واقعا آهن، هن ڪتاب جو نالو آهي، "عُيونُ الحِڪايات". هن ڪتاب جو هڪ دلچسپ واقعو پڙهو ۽ ايمان تازو ڪيو! حضرت سَيِّدُنا خلد بن ايّوب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: بني اسرائيل جي هڪ عابد جبل جي چوٽي تي سٺ (60) سالن تائين الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪئي. هڪ رات ان خواب ڏٺو ته ڪو چوڻ وارو چئي رهيو آهي: فُلاڻو موچي تو کان وڌيڪ عبادت گذار آهي ۽ ان جو مرتبو تون کان مٿاهون آهي. جڏهن هو عابد ننڊ مان بيدار ٿيو ته ان خواب بابت سوچيو، پوءِ پاڻ ئي چوڻ لڳو: هي ته صرف خواب آهي، ان جو ڪهڙو اِعتبار، تنهنڪري ان خواب ڏانهن ڌيان نہ ڏنو، ڪجھ عرصي کان بعد ان کي وري اهڙي طرح خواب ۾ چيو ويو تہ فُلاڻو موچي تو کان اَفضَل آهي. پر هن ڀيري بہ ان خواب ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنو، ٽئين ڀيري وري ان کي خواب ۾ اهو ئي چيو ويو. بار بار خواب ۾ موچي جي فضيلت بابت ٻڌي هو جبل تان لٿو ان موچي وٽ پهتو. موچي جڏهن ان کي ڏٺو تہ پنهنجو ڪم ڇڏي تعظيم طور بيهي رهيو ۽ وڏي عقيدت سان ان عابد (يعني عبادت گذار) شخص جا هٿ چُمڻ بعد عرض گُذار ٿيو: اوهان کي ڪهڙي شيءِ عبادت خاني مان نڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي؟ هو عابد چوڻ لڳو: مان تنهنجي ڪري هتي آيو آهيان، مون کي ٻڌايو ويو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ تنهنجو رُتبو مون کان وڌيڪ آهي؟ ان ڪري مان تنهنجي زيارت ڪرڻ آيو آهيان، مون کي ٻڌايو تہ اهو ڪهڙو عمل آهي جنهن جي ڪري توهان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ اعليٰ مقام حاصل آهي؟ هو موچي خاموش رهيو، جڻ تہ هو پنهنجو عمل ٻڌائڻ نہ

پئي چاهيو. پوءِ چوڻ لڳو: منهنجو ٻيو تہ ڪو خاص عمل ناهي، ها! ايترو ضرور آهي تہ مان سڄو ڏينهن حلال رزق ڪمائڻ ۾ مشغول رهان ٿو ۽ حرام مال کان بچان ٿو پوءِ الله تعاليٰ مون کي سڄي ڏينهن ۾ جيترو رزق عطا فرمائي ٿو، مان ان مان اڌ ان جي راهہ ۾ صدقو ڪندو آهيان ۽ اڌ پنهنجي اَهل وعيال تي خرچ ڪندو آهيان. ٻيو عمل هي آهي تہ مان ڪثرت سان روزا رکندو آهيان ، ان جي علاوه ڪا ٻي شيء مون ۾ اهڙي ناهي، جيڪا فضيلت جو سبب هجي. هي ٻڌي عابد ان نيڪ موچي وٽان واپس موٽيو ۽ ٻيهر عبادت ۾ مشغول ٿي ويو. ڪجھ عرصي کان پوءِ ان کي خواب ۾ چيو ويو: ان موچي کان پُڇو تہ ڪهڙي شيء جي خوف تنهنجو چهرو زَرد (يعني ڦڪو) ڇو آهي؟ پوءِ هو عابد ٻيهر موچي وٽ آيو، ۽ ان کان پُڇيو: توهان جو چهرو زَرد (يعني ڦڪو) ڇو آهي؟ آخر توهان کي ڪهڙي شيء جو خوف آهي؟ موچي جواب ڏنو: جڏهن بہ مان ڪنهن شخص کي ڏسان ٿو تہ مون کي هي گُمان ٿئي ٿو تہ هي شخص مون کان بهتر آهي، هي جنّتي آهي ۽ مان جهنّم لائق آهيان، مان پنهنجو پاڻ کي سڀ کان حقير سمجهان ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي سڀ کان وڌيڪ گُناهگار تصور ڪيان ٿو ۽ مون کي هر وقت جهنّم جو خوف تڙپائي پيو. بس اهو ئي سبب آهي جو منهنجو چهرو زَرد (يعني ڦڪو) ٿي ويو آهي. هو عابد واپس پنهنجي عبادت خاني ۾ هليو ويو. حضرت سَيدُنا خلد بن اَيّوب رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: ان موچي کي ان عبادت گُذار شخص تي ان ڪري فضيلت ڏني وئي جو هو ٻين جي مُقابلي ۾ پنهنجو پاڻ کي حقير سمجهندو هو ۽ پنهنجي علاوه سڀني کي جنّتي سمجهندو هو. (عيون الحڪايات،ص١٠٣)

فخر و غُرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا یاربّ! مجھے بنا دے پیکر تُو عاجزی کا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ جيڪو خوش نصيب مسلمان دُنيا جي رنگينين کان پاسو ڪري، گناهن کان ناطو ٽوڙي صرف رِضاءِ الٰهي جي لاءِ عبادت و رياضت ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري کي پنهنجي عادت بڻائي ٿو، عاجزي ڪندي پاڻ کي حقير ۽ ٻين کي بهتر تصور ڪري ٿو، نفل روزا ۽ صدقو، خيرات کي پنهنجو معمول بڻائي ٿو، صرف رزقِ حلال ئي ڪمائي ٿو ۽ عبادت جي گهڻائي باوجود پنهنجو عمل ظاهر ڪرڻ کان ڪيٻائي ٿو، پاڻ کي سڀ کان وڏو گناهه گار تصوّر ڪري ٿو ۽ جهنم جي خوف ۽ خوفِ خدا کان ڏڪندو ڪنبدو رهي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ خوش ٿي ان جو مرتبو ايتري قدر بلند فرمائي ٿو جو ان جا عبادت گُذار ٻانها بہ ان وٽ حاضر ٿي ان سان مُلاقات ڪندا آهن. پر افسوس جو اڄ اسان جي مُعاشري ۾ تہ افضليت جو معيار صرف اهو رهجي ويو آهي جو اسان مالدارن، سرمايہ دارن، آفيسرن، وزيرن، دنيوي عزّت ۽ منصب رکڻ وارن، مهانگي گاڏين ۾ گُهمڻ وارن، مهانگا موبائل، ڪمپيوٽر يا ليپ ٽاپ رکڻ وارن، عُمده لباس ۾ ملبوس رهڻ وارن، بلند بلڊنگن، خُوبصورت بنگلن، يا مهانگن علائقن ۾ رهڻ وارن، سهڻي رنگت وارن ۽ اعليٰ نسب وارن کي ئي سڀ کان افضل ۽ بهتر سمجهون ٿا ۽ صبح ۽ شام انهن جا ڳُڻ ڳائيندي نظر اچون ٿا جڏهن تہ الله رَبُّ الْعِزّت عَزَّوَجَلَّ وٽ اهو ئي مسلمان وڌيڪ عزت ۽ اِڪرام وارو آهي جيڪو تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ ٻين کان وڌيڪ هجي، جيئن سيپاري 26 سُوْرَةُ الْحُجُرات جي آيت نمبر 13 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّ اُنْثٰى وَ جَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّ قَبَآىِٕلَ لِتَعَارَفُوْا ؕ اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

ترجموڪنزالايمان: اي انسانون! اسان توهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ توهان کي ذاتيون ۽ قبيلا ڪيو، جيئن هڪ ٻئي جي سڃاڻ رکو. بيشڪ الله وٽ توهان ۾ زياده

عَلِيۡمٌ خَبِيۡرٌ ﴿۱۳﴾ (پ٢٦،الحجرات:١٣)

عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي. بيشڪ الله ڄاڻ وارو ۽ خبردار آهي.

مُفَسّرِ شَهير، حڪيم الاُمَّت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه هن آيتِ مُبارڪ تحت فرمائن ٿا : سڀني اِنسانن جو اَصل حضرت آدم ۽ حوا (عَلَيهِ الصَّلٰوة وَالسَّلَام وَرَضِيَ الله تَعَالٰی عَنۡها) آهن ۽ انهن جو اَصل مٽي آهي تہ توهان سڀني جي اَصل مٽي ٿي پوءِ نَسَب تي اَڪڙجو ۽ تڪبر ڇو ڪيو ٿا. انسان ڪي مختلف نسب ۽ قبيلن ۾ بنائڻ هڪ ٻئي جي سڃاڻپ جي لاءِ آهي نہ هي تہ فخر ڪرڻ ۽ پاڻ پڏائڻ جي لاءِ. (هن آيتِ مُبارڪ جو شانِ نُزول بيان ڪندي فرمائن ٿا :)حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني جي بازار ۾ تشريف ڪٺي ويا، اتي مُلاحَظ فرمايائون تہ هڪ غُلام هي چئي رهيو آهي تہ جيڪو مون کي خريد ڪندو، هو مون کي حُضُور(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي پويان پنج ڳانہ نماز ڪان نہ روڪي، ان کي هڪ شخص خريدي ڪري ورتو پوءِ هو غُلام بيمار ٿي ويو تہ سرڪار (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ان جي بيمار پُرسي جي لاءِ تشريف ڪٺي ويا پوءِ ان جي وفات ٿي وئي ، تہ حُضُور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ان جي دَفن ۾ شريڪ ٿيا، ان تي ڪجھ ماڻهن حيراني جو اِظهار ڪيو تہ غُلام ۽ ان تي ايترو انعام ان تي اها آيتِ ڪريمہ نازل ٿي. (نُورُ العرفان )

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقۡنٰكُمۡ مِّنۡ ذَكَرٍ وَّ اُنۡثٰى وَ جَعَلۡنٰكُمۡ شُعُوۡبًا وَّ قَبَآئِلَ لِتَعَارَفُوۡا ؕ اِنَّ اَكۡرَمَكُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ اَتۡقٰكُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌ خَبِيۡرٌ ﴿۱۳﴾ (پ٢٦،الحجرات:١٣)

ترجموڪنزالايمان: اي انسانون! اسان توهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ توهان کي ذاتيون ۽ قبيلا ڪيو، جيئن هڪ ٻئي جي سڃاڻ رکو. بيشڪ الله وٽ توهان ۾ زياده عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي. بيشڪ الله ڄاڻ وارو ۽ خبردار آهي.

حضرت سَيدُنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه فرمائن ٿا:حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد

فرمايائون: بيشڪ الله تعاليٰ توهان مان جاهليّت جو غرور ۽ خانداني فخر پري ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي يا ته مومن نيڪوڪار ٿيندا يا بدڪار ۽ بد بخت.
(ترمذي،ڪتاب المناقب،باب في فضل الشام واليمن،٥/٤٩٢،حديث: ٣٩٨١)

حضرت سَيدُنا علي مُرتَضيٰ، شَيرِ خدا ڪَرَّمَ الله تَعَالي وَجْههُ الْكَرِيم فرمائن ٿا ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته ٻانهن کي الله تعاليٰ جي اڳيان بيهاريو ويندو ان حال ۾ جو اهي بغير ختنو ڪيل هوندا، پوءِ الله تعاليٰ ارشاد فرمائيندو: اي منهنجا ٻانهؤ! مون توهان کي حڪم ڏنو ۽ توهان منهنجي حڪم کي ضائع ڪري ڇڏيو ۽ توهان پنهنجن نَسَبَن کي بُلند ڪيو ۽ ان جي ذريعي هڪٻئي تي فخر ڪيو، (تنهنڪري) اڄ جي ڏينهن مان توهان جي نسبن کي حقير ۽ ذليل قرار ڏئي رهيو آهيان، مان ئي بدلو ڏيڻ وارو حاڪم آهيان، ڪٿي آهن مُتَّقي ماڻهو؟ ڪٿي آهن مُتَّقي ماڻهو؟ بيشڪ الله تعاليٰ وٽ توهان مان وڌيڪ عزّت وارو اهو آهي جيڪو توهان ۾ وڌيڪ پرهيزگار آهي. (تاريخ بغداد، ذڪر من اسمه علي، علي بن ابراهيم العمري القزويني، ١١/٣٣٢، رقم :٦١٤٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو مُتّقي ماڻهو ئي عزت ۽ فضيلت وارا آهن. مُعاشري ۾ انهن جي خَسته حالي سبب توڙي جو انهن کي عزّت ۽ اهميت نه ڏني ويندي هجي، پر بروزِ حشر نهايت شان ۽ شوڪت سان آندا ويندا، سيپاري 16سُوره مريم جي آيت نمبر 85 ۾ اِرشاد آهي:

يَوْمَ نَحْشُرُ الْمُتَّقِيْنَ اِلَى الرَّحْمٰنِ وَفْدًا ۙ﴿۸۵﴾ (پ١٦،مريم:٨٥)

ترجموڪنزالايمان: جنهن ڏِينهن اسان پرهيزگارن کي رحمٰن جي طرف وٺِي وِينداسِين مِهمان بنائي.

دُنيا ۾ اهي ماڻهو جيتوڻيڪ خُوبصورت بنگلن بدران ڪڪاون گهرن ۾ رهندا هجن پر جنّت ۾ انهن کي انعام طور عاليشان محلّ عطا ڪيا ويندا،

www.dawateislami.net

جيئن تہ سيپارو 14سُوْرَةُالنَّحْل جي آيت نمبر30 ۾ ارشاد آهي:

وَ لَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ ؕ وَ لَنِعْمَ دَارُ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۰﴾ (پ۱۴،النحل:۳۰)

ترجموڪنزالايمان: ۽ بيشڪ آخرت جو گهر سڀ کا بهتر آهي، ۽ ضرُور ڪهڙو نہ سُٺو گهر آهي پرهيزگارن جو.

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! دُنيا ۾ حقير سمجهيا ويندڙ، اميرن جي گهرن مان ڌڪاريل، پر الله عَزَّوَجَلَّ جي اَحڪامن جي بجا آوري ڪرڻ وارا، نمازون پڙهڻ وارا، روزا رکڻ وارا، رزقِ حلال ڪائڻ ڪارائڻ وارا، الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارا، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت جي پيروي ڪرڻ وارا، نظر، دل ۽ اک جي حفاظت ڪرڻ وارا ۽ ٻيا نيڪ ڪم ڪرڻ وارا مُتّقي ماڻهو آخرت ۾ ڪهڙي شان ۽ عظمت جا مالڪ هوندا. مُتّقي ماڻهو جتي الله عَزَّوَجَلَّ کي محبوب آهن اتي ان جي پياري حبيب، اسان گناهگارن جي طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا بہ پسنديده آهن، جيئن

اُمُّ المؤمنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صديقہ، طيّبہ، طاهره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ارشاد فرمائن ٿيون: نبي ڪريم، رؤفٌ رّحيم ، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن شيء تي تَعجُب نہ ڪندا هئا ۽ نہ ئي دُنيا جي ڪا شيء اوهان کي تَعجُب ۾ وجهندي هئي سواءِ تَقويٰ واري انسان جي . (مسند احمد ،مسندعائشة، ۹/۳۴۱، حديث: ۲۴۴۵۷)

اهڙي طرح نبي ڪريم، رؤفٌ رّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: عِلم جي فضيلت عبادت جي فضيلت کان وڌيڪ آهي ۽ توهان جي دين جي بهترين شيء تَقويٰ آهي. (معجم اوسط،من اسمه علي،۳/۹۲، حديث: ۳۹۶۰)

## سڀ کان وڌيڪ عزت وارو ڪير؟

حضرت سَيِدُنا ابُوھرَيره رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي عرض ڪيو ويو: يارَسُولَ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! سڀ کان وڌيڪ عزّت وارو ڪير آهي؟ فرمايائون: اهو جيڪو ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ مُتّقي هجي.
(بخاري، ڪتاب احاديث الانبياء،باب قوله تعالٰي واتخذ الله ابراهيم خليلا،۲/۴۲۱،حديث:۳۳۵۳)

هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ رَسُولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت ابُو ذَر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کي فرمايو: توهان ڪنهن ڳاڙهي يا ڪاري کان بهتر نہ آهيو پر اهو جو توهان ان کان پرهيزگاري ۾ وڌي وڃو. (مسند احمد، مسند الانصار،حديث ابي ذر الغفاري، ۸/۹۳، حديث: ۲۱۴۶۴)

مُفَسّرِ شَهير، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: سياه فام مؤمن (يعني ڪاري رنگ وارو مسلمان) هزارين سُرخ سفيد ڪافرن کان افضل آهي. سياه فام مُتَّقي هزارين سُرخ سفيد بدڪارن کان افضل آهي. فاسِق کان مُتَّقي افضل، غافل کان بيدار افضل اهو فرمانِ عالي تمام ئي وسيع آهي.
(مرآة المناجيح،۷/۳۳-۳۲ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ دينِ اسلام ۾ محض اونچي نسب وارو يا مالدار هئڻ، سفيد ۽سياه رنگت وارو هئڻ فضيلت جو سبب ناهي بلڪ انسان جي افضل ۽ اعليٰ هئڻ جو معيار تقويٰ ۽ پرهيزگاري تي آهي. تقويٰ ۽ پرهيز گاري اهڙي عظيمُ الشَّان دولت آهي جو اِمامُ المُتَّقين، سَيدُ المُرسَلين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن بارگاهِ الٰهي ۾ دُعا جي لاءِ هٿ کڻندا هئا تہ تَقويٰ جي بہ دُعا ڪندا هئا، جيئن

حضرت سَيدُنا ابنِ مسعود رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ، رؤفٌ رّحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هي دُعا گهرندا هئا: اَللّٰهُمَّ اِنِّيٓ اَسْئَلُكَ الْهُدٰى وَالتُّقٰى وَالْعَفَافَ وَالْغِنٰى يعني اي منهنجا پَروَردگار! آئون تو کان هدايت، تقويٰ، پاڪدامني ۽ تونگري جو سوال ڪيان ٿو. (مسلم، ڪتاب الذكروالدعا ...الخ، باب التعوذمن شر ما عمل ...الخ،ص۱۴۵۷، حديث:۲۷۲۱)

مُفتِيِ احمد يار خان رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: هدايت مان مُراد سنا عقيدا آهن، تقويٰ مان مُراد چڱا عمل، پاڪدامني مان مُراد بُرائين کان بچڻ آهي ۽ (دولتمندي) مان مُراد مخلوق جو مُحتاج نہ ٿيڻ، اللّٰه (عَزَّ وَجَلَّ) ۽ رسول (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جو حاجتمند رهڻ آهي، هن (دُعا) ۾ دين جون سموريون ڀلائيون گهري ورتيون ويون . (مرآۃ المناجیح، ۴/۴۱)

الٰہی میں تجھ سے دعا مانگتا ہوں کرم مغفرت کی دعا مانگتا ہوں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! مال ۽ دولت يا مَنصب ۽ وزارت ملي وڃڻ ڪو ڪمال ناهي بلڪ آزمائش آهي اهي شيون تہ ڪثير ماڻهن کي نصيب ٿينديون آهن پر تقويٰ هڪ اهڙي عظيم دولت آهي جيڪا هر ڪنهن کي عطا ناهي ڪئي ويندي، تقويٰ ڪا معمولي شيء ناهي بلڪ نهايت وڏو خزانو آهي، جيئن تہ

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سَيِدُنا امام محمدبن محمد غزالي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: تقويٰ هڪ اڻلڀ خزانو آهي جيڪڏهن توهان هن خزاني کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا تہ توهان کي هن ۾ بيش قيمت موتي ۽ جواهرات ملندا ۽ علم ۽ رُوحاني دولت جو نهايت وڏو خزانو هٿ ايندو، رِزقِ ڪريم توهان جي هٿ ايندو، توهان تمام وڏي ڪاميابي حاصل ڪري وٺندو، نهايت وڏي غنيمت ماڻيندو ۽ عظيم ملڪ (يعني جنَّت) جا مالڪ بڻجي ويندو، ائين سمجهو تہ دنيا ۽ آخرت جون ڀلائيون تقويٰ ۾ جمع ڪيون ويون آهن. توهان ٿورو قرآنِ حڪيم ۾ تہ غور ڪيو تہ ڪٿي ارشاد فرمايو: جيڪڏهن توهان تقويٰ اِختيار ڪندو تہ هر قسم جي خير ۽ برڪت جا مالڪ بڻجندو. ڪٿي تقويٰ اختيار

ڪرڻ تي اَجر ۽ ثواب جا واعدا فرمايا ويا آهن ۽ ڪٿي فرمايو ويو تہ سعادت جو ذريعو تقويٰ ۽ پرهيز گاري اختيار ڪرڻ آهي. امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان قرآنِ ڪريم مان تقويٰ جا ٻارهن (12) فائدا بيان ڪيان ٿو: (1) مُتَّقِي شخص جي ربّ تعاليٰ واکاڻ ۽ ساراهہ ڪري ٿو (2) مُتَّقِي شخص دُشمنن سان مامُون( پر امن ) ۽ محفوظ رهي ٿو (3) مُتَّقِي شخص جي الله تعاليٰ تائيد ۽ اِمداد فرمائي ٿو (4) مُتّقي شخص آخرت جي هولناڪين ۽ اتي جي سختين مان نجات ۾ رهندو (5) دُنيا ۾ مُتّقي شخص ڪي حلال رِزق نصيب ٿيندو (6) مُتّقي شخص جي عملن جي اِصلاح ٿي ويندي (7) تقويٰ جي برڪت سان مُتّقي شخص جا تمام گُناهہ مُعاف ٿي ويندا آهن (8) مُتَّقِي شخص الله تعاليٰ جو دوست بڻجي ويندو آهي (9) تقويٰ سان مُتّقي شخص جا عمل قَبوليت جي درجي تائين پهچندا آهن (10) مُتّقي شخص الله تعاليٰ وٽ اِعزاز ۽اِڪرام جو مُستَحِق ٿي ويندو آهي (11) مُتَّقِي شخص جي لاءِ موت جي وقت ديدارِ الٰهي ۽ آخرت ۾ نجات جي بشارت ڏني ويندي آهي (12) مُتَّقِي شخص آتَشِ دوزخ (دوزخ جي باهہ )کان محفوظ رهندا ۽ انهن ڪي هميشہ جي لاءِ جنَّت ۾ رهڻ جي سعادت نصيب ٿيندي. (منهاج العابدين، ص۱۴۴ تا۱۴۸ماخوذاًوملتقطاً)

دے حُسنِ اخلاق کی دولت کر دے عطا اِخلاص کی نِعمت
مجھ کو خزانہ دے تقوٰی کا یااللہ میری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## متقي جون دُعائون قَبول ٿينديون آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن ڪنهن ٻانهي جي سيني ۾ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي شمع روشن ٿي ويندي آهي تہ جيتوڻيڪ هو ڪو سياهہ فام ئي ڇو نہ هجي ان جا ڀاڳ کلي ويندا آهن، ان جي وات مان نڪرندڙ لفظ ايتري

قدر تاثير وارا هوندا آهن جو نڪرندي ئي حقيقت ۾ بدلجي ويندا آهن ايستائين جو تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو هي پيڪر جيڪڏهن ڪاني جهڙي معمولي شيء کي بہ سون بنائڻ جي لاءِ بارگاهِ الٰهي ۾ درخواست ڪري تہ الله تعاليٰ ان جي پڪار کي رَدّ ناهي ڪندو ۽ ان ڪاني کي بہ سون بڻائيندو آهي تہ جيئن ماڻهن کي معلوم ٿي وڃي تہ هي ڪو معمولي انسان ناهي بلڪ ڪا پهتل هستي آهي. اچو! هن حوالي سان هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا،

## ڪانيون سون ڪيئن بڻيون---؟؟؟

حضرت سيدُنا دَاؤد بن رَشِيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: ملڪ شام ۾ بہ (2) حسين ۽ جميل عبادت گذار نوجوان رهندا هئا. عبادت جي ڪثرت ۽ تقويٰ ۽ پرهيز گاري جي ڪري انهن کي ”صَبِيح ۽ مَلِيح“ جي نالي سان پڪاريو ويندو هو. اُنهن پنهنجو هڪ واقعو ڪجهه هيئن بيان ڪيو: هڪ ڀيري اسان کي بُک تمام گهڻو تنگ ڪيو. مون پنهنجي رفيق (ساٿي) کي چيو: اچو! فُلاڻي ريگستان ۾ هلي ڪنهن شخص کي دينِ متين جا ڪجهه اَحڪام سکائي پنهنجي آخرت جي بهتري جي لاءِ ڪجهه ڪوشش ڪيون، پوءِ اسان ٻئي ريگستان ڏانهن هلي پياسين، اتي اسان کي هڪ ڪارو شخص مليو جنهن جي مٿي تي ڪانين جي ڀري هئي. اسان ان کي چيو: ٻڌايو! توهان جو رَبّ ڪير آهي؟ هي ٻڌي ان ڪانين جي ڀري زمين تي رکي ۽ ان تي ويهي چيائين: مون کان اهو نہ پُڇو تہ تنهنجو رَبّ ڪير آهي؟ بلڪ هي پڇو: ايمان تنهنجي دل جي ڪهڙي خاني ۾ آهي؟ ان ڳوناڻي جو عارفاڻو ڪلام ٻڌي اسان ٻئي حيرت سان هڪبئي جو مُنهن ڏسڻ لڳاسين. هن ٻيهر ڳالهايو: توهان چپ چو ٿي ويا، مون کان پڇو،سوال ڪيو، بيشڪ طالب علم سوال ڪرڻ کان پاسو ناهي ڪندو. اسان ان جي ڳالهين جو ڪجهه جواب نہ ڏئي سگهياسين ۽ خاموش رهياسين. جڏهن ان اسان جي خاموشي ڏٺي تہ بارگاهِ خداوندي ۾ ان طرح عرض گذار

تيو: اي منهنجا پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ! تون خوب ڄاڻين ٿو تہ تنهنجا ڪجهہ اهڙا ٻانها بہ آهن جو جڏهن اهي تو کان سوال ڪندا آهن تہ تون انهن کي ضرور عطا فرمائيندو آهين. منهنجا موليٰ عَزَّوَجَلَّ! منهنجي هنن ڪانئين کي سون بڻائي ڇڏ. اجا ان هي لفظ ادا ئي ڪيا هئا جو ڪانيون چمڪ دار سون بڻجي ويون. ان وري دُعا ڪئي: اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! بيشڪ تون پنهنجي انهن ٻانهن کي وڌيڪ پسند ڪرين ٿو جيڪي شهرت جا طلبگار نہ هوندا آهن، منهنجا موليٰ عَزَّوَجَلَّ! هن سون کي ٻيهر ڪانيون بڻائي ڇڏ. ان جي گفتگو ختم ٿيندي ئي اهو سڄو سون ٻيهر ڪانئين ۾ تبديل ٿي ويو. ان ڪانئين جي ڀري مٿي تي رکي ۽ هڪ پاسي روانو ٿي ويو. (عيون الحکايات،حصه دوم،ص٢٤٦)

دیکھنا مت تم حقارت سے کسی اَن پڑھ کو بھی    کیا خبر پیشِ خدا مقبول بندہ ہو وہی

(وسائلِ بخشش ص297)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!    صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلام ۾ مُتّقي ماڻهن کي وڏي اهميت حاصل آهي، جيڪڏهن ڪنهن شخص کي عُهدي ۽ مَنصب تي فائز ڪرڻو هجي تہ ان جي ٻين بهترين وصفن سان گڏوگڏ تقويٰ ۽ پرهيز گاري کي بہ مدِ نظر رکيو ويندو آهي. اسان جو اسلاف رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیهِمْ اَجْمَعِین بہ پنهنجي مُريدن ۽ واسطيدارن مان انهن ماڻهن کي محبوب رکندا هئا جيڪي پرهيز گاري ۾ ٻين کان وڌيڪ هوندا ، جيئن تہ

احياء العلوم جلد 5، صفحي 324 تي آهي تہ ڪنهن صُوفي بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه جو هڪ نوجوان مُريد هو. بُزرگ (رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه) ان نوجوان کي وڏي عزّت ۽ ترجيح ڏيندا هئا. هڪ ڀيري ڪنهن مُريد پُڇيو: ”اوهان ان نوجوان کي وڌيڪ

عزت ڏيو تا جڏهن تہ وڏي عُمر جا اسان آهيون؟“ بُزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه ڪجھ پکي گهرايا ۽ اهي سڀ مُريدن کي هڪ هڪ پکي ۽ ڇُري ڏني ۽ فرمايائين:” توهان مان هر هڪ پکي کي اهڙي جڳهہ ذبح ڪري جتي ڪو ڏسي نہ سگهي.“نوجوان مُريد کي بہ هڪ پکي ڏنو ۽ ان سان بہ اها ئي ڳالھ ارشاد فرمائي. هر هڪ شخص پکي ذبح ڪري آيو پر نوجوان زنده پکي هٿ ۾ کڻي واپس موٽيو. بزرگ(رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه) فرمايائون:”ڀين وانگر توهان پکي ذبح ڇو نہ ڪيو؟“ نوجوان عرض ڪيائين:” مون کي ڪا اهڙي جڳهہ ملي ئي نہ جتي ڪو ڏسندو نہ هجي ڇاڪاڻ تہ ربّ تعاليٰ تہ مون کي هر هنڌ ڏسي رهيو آهي.“ هي ڏسي سيني مريدن ان جي مراقبي (يعني سڀ شين کي ڇڏي خُدا ڏانهن ڌيان ڪرڻ جي عمل) کي پسند ڪيو ۽ چيو: ”توهان واقعي عزّت ۽ اِحترام لائق آهيو.“

(احياء العلوم، ۳۲۴/۵)

اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي والدِ ماجد (حضرت مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه) سان گڏ حضرت شاه آلِ رسول احمد قادري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سلسلہ عاليہ قادِريہ ۾ بَيعَت ڪئي. مُرشِدِ ڪامل (مريد بنائڻ سان گڏوگڏ اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه کي) تمام سلسلن جي اجازت ۽ خلافت ۽ سندِ حديث بہ عطا فرمائي ڇڏي. (حيات اعلي حضرت، ۳۹/۱ملخصاً) جڏهن تہ حضرت شاه آلِ رسول رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه خلافت ۽ اجازت جي مُعاملي ۾ نهايت مُحتاط هئا. (مُريد ٿيندي ئي پيرومرشد جي طرفان ايتري قدر عطائون ڏسي) خانقاه جو هڪ شخص چپ نہ رهي سگهيو. عرض ڪيو: حضور! اوهان جي خاندان ۾ تہ خِلافت وڏي رِياضت ۽ مُجاهدي کان بعد ڏني ويندي آهي. انهن کي اوهان فوراً ئي خِلافت عطا ڪري ڇڏي. حضرت شاه آلِ رسول رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه (افضليت ۽ اهميت جو سبب ٻڌائيندي) ان شخص کي ارشاد فرمايو: ماڻهو گندي دل ۽ گندو نَفس کڻي ايندا آهن. انهن جي صفائي تي گهڻو وقت لڳندو آهي.

پر ھي نفس جي پاڪيزگي سان ڳڌ آيا ھئا، صرف نِسبَت جي ضَرورت ھئي، سا اسان عطا ڪري ڇڏي. پوءِ حاضرين سان مُخاطب ٿي فرمايائون: مونکي عرصي سان ھڪ فڪر پريشان ڪيو ھئو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اھا اڄ پري ٿي وئي. قِيامت ۾ جڏھن الله تعاليٰ پُڇا ڪندو تہ آلِ رسول اسان لاءِ ڇا ڪٺي آيو آھين؟ تہ مان پنھنجي مُريد اَحمد رضا خان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي پيش ڪندس.

(انوار رضا، ص ٣٧٨ )(پير تي اعتراض منع آھي،ص٤٧)

اس کی ہستی میں تھا عمل جَوہر سنّتِ مصطفےٰ کا وہ پیکر
عالِمِ دین صاحبِ تقوٰی واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

## مُتَقِي ماڻھن جا وصف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ مَقبوليت ۽ فضيلت جو مِعيار اسان جي بزرگن جي نظر ۾ بہ تقويٰ ۽ پرھيزگاري آھي. صرف مشھور ۽ معروف ٿيڻ ھرگز فضيلت جو معيار ناھي، عُمر ۾ وڏو ھئڻ ھرگز فضيلت جو معيار ناھي، حسين و جميل ھئڻ ھرگز فضيلت جو معيار ناھي، ظاھري صفائي ۽ سٿرائي وارو ھئڻ ھرگز فضيلت جو معيار ناھي، اعليٰ تعليم يافتہ ھئڻ ھرگز فضيلت جو معيار ناھي، رُعب ۽ دَابي وارو ھئڻ ھرگز فضيلت جو معيار ناھي، وڏيڪ بينڪ بيلنس وارو ھئڻ ھرگز فضيلت جو معيار ناھي، اعليٰ مڪان ۽ دڪان وارو ھئڻ ھرگز فضيلت جو معيار ناھي، اعليٰ سواري، قيمتي موبائل وارو ھئڻ ھرگز فضيلت جو معيار ناھي، گفتگو ۾ غالب ھئڻ ھرگز فضيلت جو معيار ناھي، مھانگي لباس وارو ھئڻ ھرگز فضيلت جو معيار ناھي. حُجَّة الاِسلام حضرت سَيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه احياء العلوم ۾ فرمائن ٿا: بيشڪ قيامت جي ڏينھن الله عَزَّوَجَلَّ جي وڌيڪ ويجھو اھي

ماڻهو هوندا جيڪي دنيا ۾ ڏکهي عرصي تائين ٻُڪايل، اُجايل ۽ غمگين رهيا هوندا. هي اهي ماڻهو آهن جيڪي (عام ماڻهن جي نظرن مان) پوشيده ۽ مُتَّقِي آهن چوته جيڪڏهن مَوجُود هجن ته سڃاتا نه وڃن، غائب هجن ته انهن کي ڳولهيو نه وڃي، زمين جا حصا انهن کي سڃاڻن ٿا ۽ آسمان جا ملائڪ انهن کي گهيري رکيو آهي. ماڻهو دنيا سان خوش ٿيندا آهن ۽ هي ماڻهو اللهعَزَّ وَجَلَّ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري سان خوش ٿيندا آهن. ماڻهو نرم ۽ ملائم بستر وڇائيندا آهن جڏهن ته هي ماڻهو پيشانيون ۽ گوڏا وڇائيندا آهن (يعني راتيون سجدن ۾ گذاريندا آهن). ماڻهو انبياءِ ڪرامعَلَيهِمُ الصَّلاۃ وَالسَّلام جي سُنَّتن ۽ انهن جي اَخلاق کان رُوگرداني ڪندا (يعني مُنهن موڙيندا) آهن پر هي ان جي حفاظت ڪندا آهن. جڏهن انهن مان ڪنهن جو اِنتقال ٿي ويندو آهي ته زمين روئيندي آهي ۽ جنهن شهر ۾ انهن مان ڪو نه هجي ان شهر تي جبَّار عَزَّ وَجَلَّ غضب فرمائي ٿو. هي ماڻهو دُنيا تي اهڙي طرح نٿا ڪِرن جهڙي طرح سڙيل مُردار تي ڪتّا ڪِرندا آهن بلڪ هي ماڻهو ته گهٽ کائن ۽ پُراڻو لباس پائن ٿا. انهن جا وار ڪندرٽيل ۽ چهرا غُبار آلُود هوندا. ماڻهو انهن کي ڏسي بيمار گمان ڪن ٿا جڏهن ته هي بيمار نه هوندا آهن ۽ ماڻهو سمجهندا آهن ته انهن کي دماغي عارِضو لاحِق ٿيو آهي جنهن جي ڪري انهن جو عقل هليو ويو جڏهن ته انهن جو عقل ناهي ويو پر اُنهن الله عَزَّ وَجَلَّ جي معاملي ۾ غور وفڪر ڪيو ته ان سبب انهن مان دنيا (جي محبت) هلي وئي. دنيا وارن جي ويجهو هي ماڻهو بي عقل شخص وانگر هلندا آهن جڏهن ته انهن جو عقل ان وقت به سلامت هوندو جڏهن ماڻهن جو عقل هليو ويندو. انهن جي لاءِ آخرت ۾ بلند رتبو هوندو. جڏهن توهان انهن کي ڪنهن شهر ۾ ڏسو ته ڄاڻي وٺو ته هي ان شهر وارن جي لاءِ امان آهن. جنهن قوم ۾ هي هجن الله عَزَّ وَجَلَّ انهن تي عذاب ناهي ڪندو، زمين انهن سان خوش ۽ ربّ عَزَّ وَجَلَّ انهن سان راضي آهي، توهان

www.dawateislami.net

انهن کي پنهنجو ياءُ بڻائي ونجو، قريب آهي تہ توهان انهن جي وسيلي سان نجات ماڻي وٺو. (احياء العلوم،٣/٢٤٦ملتقطا)

## ”صداءِ مدينہ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تبليغِ قرآن ۽ سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريک دعوتِ اسلامي اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّ وَجَلَّ اسان کي اها ئي مدني سوچ فراهم ڪري ٿي تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو عزّت ۽ فضيلت جو دارومدار مال ۽ دولت، ملڪ و ملّت، عزّتۦ مَنصب، قوم ۽ ثقافت، عمر ۽ تجربو، شهرت ۽ ڪاروبار تي ناهي بلڪ صرف ۽ صرف تقويٰ ۽ پرهيزگاري تي آهي جيڪو دنيا ۽ آخرت ۾ بي شُمار ڀلائين جو سبب آهي تنهنڪري تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو عادي بڻجڻ، مُتَّقي مسلمانن جي عزت آبرو جي حفاظت ڪرڻ ۽ ڪامياب مسلمان بڻجڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”صداءِ مدينہ“ بہ آهي. صداءِ مدينہ ڇا آهي؟ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ فجرجي نماز جي لاءِ مسلمانن کي جڳائڻ کي صداءِ مدينہ چوندا آهن ۽ هي اهو عظيم ڪم آهي جيڪو صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان اختيار ڪيو، اهي حضرات پنهنجي گهر وارن کي نماز جي لاءِ جڳائيندا هئا جيئن تہ حضرت سَيدُنا عبدُ اللّٰہ بن عُمَر رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهما فرمائن ٿا تہ منهنجا والِدِ مُحتَرَم اَمِيرُ الْمُومِنِين حضرت سَيّدُنا عُمَر فَارُوقِ اَعظَم رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْه رات ۾ جيتري قَدر ربّ تعاليٰ چاهي، نماز پڙهندا هئا، ايستائين جو جڏهن رات جو آخري وَقت ٿيندو هو تہ پنهنجي گهر وارن کي بہ نماز جي لاءِ جڳائيندا هئا ۽ انهن کي فرمائيندا هئا: اَلصَّلٰوۃ يعني نماز. پوءِ اها آيت مُبارَڪ تِلاوَت ڪندا هئا:

وَ اْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَ اصْطَبِرْ عَلَيْهَا ؕ لَا نَسْـَٔلُكَ رِزْقًا ؕ نَحْنُ نَرْزُقُكَ ؕ وَ الْعَاقِبَةُ

ترجموڪنزالايمان: ۽ پنهنجي گهر وارن کي نَماز جو حُڪم ڏي ۽ پاڻ اُن تي ثابت رهہ اسان توکان ڪا روزِي نہ ٿا گُهرُون پاڻ

لِلتَّقْوٰی (پ١٦،طٰہٰ:١٣٢) اسان توکي روزِي ڏِينداسِين ۽ چڱي پڇاڙِي پرهيزگارن جي واسطي آهي.

(مشكاة المصابيح،كتاب الصلاة،باب التحريض...الخ،الفصل الثالث،٢٤٣/١، حديث:١٢٤٠)

اچو! ترغيب لاءِ صداءِ مدينہ لڳائڻ جي هڪ مختصر مَدَني بَهار ٻڌو ۽ صداءِ مدينہ لڳائڻ جي نِيت ڪيو، جيئن

## فيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ملي وئي

هڪ اسلامي ڀاءِ جو بيان آهي: دعوتِ اسلامي جي مَدَني قافلي سان گڏ اسان هڪ شهر ۾ وياسين، اَذانِ فَجر کان بعد اسان صداءِ مدينہ لڳائيندي وڃي رهيا هئاسين تہ اوچتو هڪ گهر مان هڪ ماڊرن (Mordern) نوجوان اسان سان گڏ شامِل ٿيو ۽ ان فَجر جي نماز مسجد ۾ باجماعت ادا ڪئي. بعد ۾ ان نوجوان جو والِد مَدَني قافلي وارن سان ملڻ جي لاءِ آيا، هو مالدار هئا. انهن اچي ٻڌايو تہ صداءِ مدينہ جي بَرَڪت سان منهنجو نافرمان ماڊرن (Mordern) بي نمازي پٽ پنج وقت نماز پڙهڻ لڳو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ماڊرن نوجوان جي والِد مُتَاَثِّر ٿي ان شهر ۾ مَدَني مرڪز فيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ڏئي ڇڏي.

صدائے مدینہ دوں روزانہ صدقہ ابُو بکر و فاروق کا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! هاڻي اسان تقوي جي لُغوي ۽ شرعي وصف ۽ ان جي قسمن بابت ٻڌون ٿا ۽ گڏوگڏ هي نِيت بہ ڪيون ٿا تہ ان جي برڪت سان گُناهن کان بچندي پنهنجي پاڻ کي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو پيڪر بڻائينداسين. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

## تقويٰ ڇا کي چئبو آهي؟

تقويٰ جي معني هي آهي ته ”نفس کي خوف واري شيء کان بچائڻ“ ۽ شريعت جي اِصطِلاح ۾ تقويٰ جي معني هي آهي ته نفس کي هر ان ڪم کان بچائڻ جنهن کي ڪرڻ يا نه ڪرڻ سان ڪو شخص عذاب جو مُستَحق ٿئي جيئن ڪفر ۽ شرڪ، ڪبيره گُناهن، بي حيائي جي ڪمن کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ، حرام شين کي ڇڏي ڏيڻ ۽ فرضن کي ادا ڪرڻ وغيره ۽ هي به چيو ويو آهي ته تقويٰ هي آهي ته تنهنجو خدا عَزَّ وَجَلَّ تو کي اتي نه ڏسي جتي ان منع فرمايو آهي. (تفسيرخازن،پ۱، البقرة، تحت الآية: ۲، ۲۲/۱ملخصاً)

حضرت سَيدُنا سُفيان ثوري رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا ته پرهيز گارن کي مُتَّقي ان ڪري چيو ويندو آهي ته اهي اهڙين شين کان به بچندا آهن جنهن کان بچڻ عام طور دُشوار هوندو آهي. (در منثور ،پ۱،البقرة،تحت الآية:۲،۱/ ۶۱)

ڪنهن شاعر جو چوڻ آهي ته جيڪو شخص اللّٰہ تعاليٰ کان ڊڄندو آهي اهو ئي نَفعي واري شيء حاصل ڪندو آهي. قبر ۾ انسان سان گڏ صرف تقويٰ ۽ نيڪ عمل ئي ويندا آهن. (منهاج العابدين،ص۱۵۰)

اچو! هاڻي تقوي جي قسمن بابت ٻڌون ٿا،

## تقوي جا قسم

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي فرمان مطابق تقويٰ جا ست (7) قسم آهن: (1) ڪفر کان بچڻ، (2) بدمذهبي کان بچڻ، (3) ڪبيره گناهه کان بچڻ (4) صغيره گناهه کان بچڻ (5) شبهات کان پرهيز ڪرڻ (6) نفساني خواهشن کان بچڻ (7) اللّٰہ تعاليٰ کان پري وٺي وڃڻ واري هر شيء ڏانهن توجهه ڪرڻ کان بچڻ، ۽ قرآنِ عظيم ان ستن مرتبن ڏانهن هدايت ڏيڻ وارو آهي. (خزائن العرفان،پ۱، البقرة، تحت الآية: ۲، ص ۴ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور بعض ماڻهن ۾ اها بُري عادت هوندي آهي

تہ هو مُعاشري ۾ اعليٰ سمجهيو ويندڙ پيشو اپنائڻ وارن جا خُوب گُڻ ڳائيندا، انهن جي ساراهہ ڪندا ۽ انهن جي خُوب آڌر ڀاءُ ڪندي نظر ايندا آهن پر افسوس تہ حقير ۽ گهٽ سمجهيو ويندڙ پر جائز پيشو اختيار ڪرڻ وارن مسلمانن کي ڪنهن خاطر ۾ نٿا آڻن بلڪ انهن جي دل ڏُکائيندا آهن ۽ خوب ننول ڪندا آهن، اهڙي طرح بعض ماڻهو حرام ۽ ناجائز ڪمن ۾ مُبتَلا هئڻ باوجود بہ پنهنجي پاڻ کي سڀ کان افضل ۽ بَرتَر ڄاڻن تہ پنهنجي علاوه قومن يا مخصوص پيشن سان وابستہ مسلمانن کي نہ صرف حقير ۽ ذليل سمجهن ٿا بلڪ موقع بہ موقع انهن جي قوميت يا پيشي کي تنقيد جو نشانو بڻائي انهن کي عجيب وغريب لقبن سان بہ نوازيندا آهن ايستائين جو بعض تہ انهن سان ڪنهن بہ قسم جو تعلُّق قائم ڪرڻ مثال طور انهن کي پاڻ وٽ ڪنهن تقريب ۾ سڏائڻ يا انهن جي دعوت قبول ڪرڻ کي برو سمجهندآآهن. يقيناً اهڙي سوچ رکڻ وارا ماڻهو سخت غلط فهمي جا شڪار آهن ۽ فضيلت جو هي معيار انهن جو پنهنجو بڻايل آهي ڇوتہ فضيلت جو هي معيار نہ تہ قرآنِ ڪريم مان ثابت آهي ۽ نہ ئي احاديثِ مبارَڪہ مان، بلڪ قرآنِ ڪريم ۽ احاديثِ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ تہ بنا شرعي سبب جي مسلمانن تي ننول ڪرڻ ۽ بُرن لقبن سان پڪارڻ جي ممانعت فرمائي وئي آهي، جيئن سيپاري 26 سُوْرَةُ الْحُجُرٰت جي آيت نمبر 11 ۾ ارشادِ رباني آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَ لَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ وَ لَا تَلْمِزُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ لَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ؕ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِيْمَانِ ۚ وَ مَنْ لَّمْ يَتُبْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۱۱﴾ (پ 26 الحجرات:11)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! مرد مردن تي ننول نہ ڪن عجب نہ آهي جو اهي ننول ڪندڙن کان بهتر هجن ۽ نہ عورتون عورتن سان، ٿي سگهي ٿو جو اهي

مسخري ڪندڙين کان بهتر هجن ۽ هڪ ٻئي کي طعنا نہ هڻو ۽ هڪ ٻي جا خراب نالا نہ رکو ڪهڙو نہ برو نالو آهي مسلمان ٿي ڪري فاسق چورائڻ ۽ جن توبهہ نہ ڪئي تہ اهي ئي ظالم آهن.

هن آيتِ مقدسه تحت تفسيرِ خازن ۾ آهي تہ حضرت سَيدُنا عبدُ الله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا: حضرت ثابت بن قيس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪجهہ وڏي آواز سان ٻڌندا هئا ان ڪري جڏهن اهي رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مجلس شريف ۾ حاضر ٿيندا هئا تہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهم انهن کي اڳتي ويهاريندا هئا ۽ جڳهہ خالي ڪندا هئا، تہ جيئن حضورِ اَقدسصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو ويهي ڪلام مبارڪ ٻڌن، هڪ ڏينهن انهن کي حاضري ۾ دير ٿي ۽ جڏهن حاضر ٿيا تہ مجلس پرجي چڪي هئي ۽ قاعدو هي هو تہ جيڪو شخص اهڙي وقت ايندو هو ۽ جڳهہ نہ ملندي هئي تہ جتي هوندو هو اتي ويهي رهندو هو، پر حضرت ثابت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ايندي ئي رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قريب ويهڻ جي لاءِ ماڻهن کي هٽائيندي اهو چيائون تہ ”جڳهہ ڏيو جڳهہ ڏيو“ ايستائين جو حضور انورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ايتري ويجهو پهچي ويا جو سندن ۽ حضور پُرنورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وچ ۾ صرف هڪ شخص رهجي ويو، ايستائين انهن هن کي بہ چيو تہ چيائون تہ جڳهہ ڏيو، ان چيو: توهان کي جڳهہ ملي وئي آهي ان ڪري ويهي رهو. حضرت ثابت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪاوڙ ۾ اچي ان جي پويان ويهي رهيا. جڏهن ڏينهن خُوب روشن ٿيو تہ حضرت ثابت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان جو جسم دٻائي چيو: ڪير؟ ان چيو: مان فلاڻو شخص آهيان. حضرت ثابت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان جي ماءُ جو نالو وٺي چيائون: فلاڻي جو پٽ. ان تي ان شخص شرم وچان مٿو جهڪائي ورتو ڇوتہ ان زماني ۾ اهڙو جملو عار ڏيارڻ جي لاءِ چيو ويندو هو، ان تي اها آيت نازل ٿي. (تفسيرخازن،پ٢٦،الحجرات،تحت الآية:١١،٤/١٦٩ملخصاً)

حضرت سيدُنا اِمام احمدبن حَجَر مَڪي شَافِعِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه هن آيت تحت

فرمائن ٿا: هن حڪمِ خُداوندي جو مقصد هي آهي تہ ڪنهن کي حقير نہ سمجهو، ٿي سگهي ٿو تہ هو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ وٽ توهان کان بهتر، افضل ۽ وڌيڪ مقرَّب هجي. (الزواجر،الباب الثاني:في الكبائر الظاهرة ،الكبيرة الثامنة ...الخ، ٢ /١١)

شيخُ الحديث حضرت علامہ عبدالمصطفٰي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: هن زماني ۾ جيڪو فاسقاڻو ۽ بلڪل مجرماڻو رواج نڪتو آهي جو ”سيّد“ ۽ ”شيخ“ ۽ ”پناڻ“ چورائڻ وارن جو اهو دستور بڻجي ويو آهي جو اهي ڌُهنيا (ڪپهہ پيڃڻ وارو)، جولاها (ڪپڙو انڻ وارو)، قصائي، نائي ڇئي مخلص ۽ متقي مسلمانن تي ٺٺول يا مذاق ٺاهيندا آهن بلڪ انهن قومن جي عالمن کي صرف انهن جي قوميت جي ڪري ذليل ۽ حقير سمجهندا آهن بلڪ پنهنجي مجلسن ۾ انهن جو مذاق ٺاهي کلندا کلائيندا آهن، حد تي وئي آهي جيڪي ماڻهو سالن تائين انهن قومن جي عالمن جي سامهون ويهي شاگردي اختيار ڪري پاڻ عالم ۽ شيخ طريقت ٺهيا آهن، پر پوءِ بہ پنهنجي استادن کي حقير ۽ ذليل سمجهي انهن جو مذاق اڏائيندا آهن ۽ پنهنجي نسب ۽ ذات تي فخر ڪري ٻين جي ذلت ۽ حقارت جو چرچو ڪندا آهن، للّٰه( خدا جي واسطي) ٻڌايو تہ قرآن شريف جي روشني ۾ اهي ماڻهو ڪيترا وڏا مجرم آهن؟ (مزيد فرمائن ٿا:) ملاحظ ڪيو تہ قرآن شريف جي هيٺ ڏنل احڪام ۽ وعيدون بيان ڪيون آهن: (1) ڪا قوم ڪنهن قوم جو مذاق نہ اڏائي ٿي سگهي ٿو تہ جنهن جو مذاق اڏائي رهيا آهن اهي مذاق اڏائڻ وارن کان دنيا ۽ آخرت ۾ بهتر هجن. (2) مسلمانن جي لاءِ جائز ناهي تہ هڪ ٻئي تي ٽوڪ ۽ ٺٺول ڪن. (3) مسلمانن تي حرام آهي تہ هڪ ٻئي جي لاءِ برا نالا رکن. (4) جيڪو ائين ڪندو اهو مسلمان تي ”فاسق“ آهي (5) جيڪو پنهنجي انهن حرڪتن کان باز نہ ايندو اهو ”ظالم“ آهي.

حضرت سَيدُنا ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ فرمايو: جيڪڏهن ڪو گهنگار مسلمان پنهنجي گناه کان توبہ ڪري تہ توبہ کان پوءِ ان کي ان گناه کان عار ڏيارڻ بہ

انهيءَ منع ۾ داخل آهي، اهڙي طرح ڪنهن مسلمان کي ڪتو، گڏھ، سوئر چوڻ به منع آهي يا ڪنهن مسلمان کي اهڙي لقب سان ياد ڪرڻ جنهن ۾ ان جي برائي ظاهر ٿيندي هجي ان کي ناگواري ٿيندي هجي اهي سڀيئي صورتون به ان منع ۾ داخل آهن. (خزائن العرفان ص 930، پ 26 الحجرات؛ 11) ۽ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو ته جيڪڏهن مان ڪنهن کي حقير سمجهي ان تي ٺٺول ڪيان ته مون کي ڊپ لڳي ٿو ته مون کي اللهعَزَّوَجَلَّ ڪتو نه بڻائي ڇڏي.

(تفسير صاوي، پ٢٦، الحجرات:١١،٥/١٩٩٣)(عجائب القرآن مع غرائب القرآن،ص٣٨٩بتغير)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته پنهنجي پاڻ کي بين کان افضل سمجهڻ، مُتَّقِي مُسلمانن کي بلا وجه شرعي حقير ۽ ڪم تَر سمجهڻ يا ڪنهن به نموني انهن جو مذاق اُڏائڻ ڪيتري قدر هلاڪت خيز آهي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪو شخص ان مُوذي مرض ۾ مُبتَلا آهي ته ان کي ڪپي ته هوشمندي جو مُظاهرو ڪندي پنهنجي پاڻ کي عاجزي ۽ اِنڪساري جو پيڪر بڻائي، ڪنهن کي افضل ۽ غير افضل قرار ڏيڻ جو اِختيار الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حوالي ڪري ڇڏي، اڄ تائين جيترن مسلمانن کي حقير سمجهي انهن جي دل آزاري جو گُناهه پنهنجي مٿي تي ڪنيو آهي جيڪڏهن ممڪن هجي ته انهن کي ڳولي انهن سان مُعافي تلافي جي ترڪيب ڪري، گڏوگڏ بارگاهه الٰهي ۾ به توبه ۽ اِستِغفار ڪري ان آفت مان ڇُوٽڪاري جي لاءِ دُعا به ڪندو رهي، خبردار! خبردار! جيڪڏهن ڪنهن مُتَّقِي مسلمان کي بظاهر خلافِ مُروَّت ڪم ڪندي ڏسو ته هرگز دل ۾ بدگُماني نه ڪريو جو ان طرح ڪنهن قسم جو فائدو ملڻ ته پري جي ڳالهه آهي اڪثر شرمندگي ئي ڪٺڻي پوي ٿي. اچو! هن سلسلي ۾ به سبق آموز حڪايتون ٻڌون ٿا ۽ عبرت جا مدني گل گڏ ڪيون ٿا،

## ڇا ھي بہ مون کان بھتر ٿي سگھي ٿو؟

حضرتِ سيدنا امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه ايتري قدر عاجزي وارا ھئا جو ھر ماڻھو کي پاڻ کان بھتر تصور کندا ھئا، ان جو سبب ھي ٿيو جو ھک ڏينھن دِجلہ دريا تي کنھن حبشي کي عورت سان گڏ اھڙي طرح شراب نوشي ۾ مبتلا ڏٺو جو شراب جي بوتل ان جي سامھون ھئي، اُن وقت پاڻ جن کي اھو خيال آيو تہ ڇا ھي بہ مون کان بھتر ٿي سگھي ٿو؟ ڇو تہ ھي شرابي آھي، انھي دوران ھک ٻيڙي سامھون آئي جنھن ۾ ست ماڻھو ھئا اُھا غرق ٿي وئي، اھو ڏسي حبشي پاڻي ۾ ٽپو ڏنو ۽ ڇھن ماڻھن کي ھک ھک کري کڍيائين پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه سان عرض کيائين: اوھان صرف ھکڙي ئي جي جان بچائي ونو، آئون تہ اھو امتحان وٺي رھيو ھئس تہ اوھان جي باطني اک کُليل آھي يا نہ! ۽ ھي عورت جيکا مون وٽ آھي اھا منھنجي ماءُ آھي ۽ ھِن بوتل ۾ سادو پاڻي آھي، اِھو ٻُڌندي ئي پاڻ اِن يقين سان تہ ھي کو غيبي شخص آھي اُن جي پيرن ۾ ڪِري پيا ۽ حبشي کي چوڻ لڳا تہ جھڙي طرح اوھان ڇھن ماڻھن جي جان بچائي اھڙي ئي طرح تکبر کان بہ منھنجي جان ڇڏايو، اُن دعا کئي تہ اللّٰہ تعاليٰ اوھان رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه کي نورِ بصيرت عطا فرمائي غرور ۽ تکبُّر کي دور کري ڇڏي، اھڙي طرح ائين ئي ٿيو جو ان کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه پنھنجو پاڻ کي کڏھن بھتر تصور نہ کيائون. (تذکرة الاولياء،ذکر حسن بصري،ص۴۳)

فخر و غُرور سے تُو مولٰی مجھے بچانا يارَبّ مجھے بنا دے پيکر تُو عاجِزی کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## گودڙي جو لعل

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 413 صَفحن تي مشتمل ڪتاب، ”عُيونُ الحڪايات“ (حصّو ٻيو) صَفحو 18 تي آهي: حضرت سيدُنا ابراهيم آجُرِي ڪبير رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جن فرمايائون: سياري جا ڏينهن هئا مان مسجِد جي دروازي تي ويٺل هئس ويجهو ڪان هڪ شخص گُذريو جنهن ٻہ گُودڙيون پاتل هيون. منهنجي دل ۾ ڳالهہ آئي تہ شايد هي پينو آهي، ڪيڏو نہ سنو هجي ها جو هي پنهنجي هٿ سان ڪمائي ڪائي هئا. جڏهن مان سُتس تہ خواب ۾ ٻہ ملائڪ آيا مون کي ٻانهن مان پڪڙي ان مسجد ۾ وٺي ويا. اتي هڪ شخص ٻہ گُودڙيون پائي سمهي رهيو هو، جڏهن ان جي چهري تان گُودڙي هٽائي وئي تہ هي ڏسي مان حيران رهجي ويس تہ هي تہ اهو ئي شخص آهي جيڪو منهنجي پاسي کان گُذريو هو! ملائڪن مون کي چيو: هن جو گوشت کائو. مون چيو: مون ان جي ڪا غيبت تہ ناهي ڪئي. چيائون: چو نہ! تو دل ۾ ان جي غيبت ڪئي، ان کي حقير سمجهيو ۽ ان سان ناخوش ٿئين. حضرت سَيدُنا ابراهيم آجُرِي ڪبير رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: پوءِ منهنجي اک کلي وئي، خوف سبب مون تي ڏڪٽي طاري هئي، مان مسلسل ٿيهن (30) ڏينهن انهيءَ مسجد جي دروازي تي ويٺو رهيس، صرف فرض نماز جي لاءِ اتان کان اٿندو هئس. مان دُعا ڪندو رهيس تہ ٻيهر هو شخص مون کي نظر اچي تہ جيئن ان کان مُعافي گهران. هڪ مهيني بعد اهو پُراَسرار شخص مون کي نظر آيو، پهريان وانگر ان جي جسم تي ٻہ گُدڙيون هيون. مان هڪدم ان ڏانهن وڌيس مون کي ڏسي هو تيز تيز هلڻ لڳو، مان بہ پويان لڳس. نيٺ مون ان کي پڪاري چيو: اي الله عَزَّوَجَلّ جا ٻانها! مان اوهان سان ڪجهہ ڳالهہ ڪرڻ چاهيان ٿو. ان چيائين: اي ابراهيم! ڇا توهان بہ انهن ماڻهن مان آهيو جيڪي دل ۾ مومنين جي غيبت ڪندا آهن؟ ان جي وات مان پنهنجي باري ۾ غيب جي خبر ٻڌي مان بي هوش ٿي ڪري پيس. جڏهن هوش آيو تہ هو شخص

منهنجي سيراندي تي بيٺل هو. ان چيو: ڇا ٻيهر ائين ڪندو؟ مون چيو: نہ، هاڻي ڪڏهن بہ ائين نہ ڪندس. پوءِ هو پُراَسرار شخص منهنجي نگاهن کان غائب ٿي ويو ۽ ٻيهر ڪڏهن نظر نہ آيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايتن مان هي حقيقت روشن ڏينهن جيان ظاهر ٿي وئي تہ مُتَّقي ۽ پرهيزگار هئڻ جي لاءِ مشهوري ۽ اشتهار، وڏا وڏا جُبا ۽ دستار ۽ عقيدتمندن جي ڊگهي قطار هئڻ ضروري ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهي نوازي، الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اولياء رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى کي ماڻهن ۾ لڪل رکيو آهي تنهنڪري اسان کي هر نيڪ ٻانهي جو احترام ڪرڻ گهرجي اسان کي ڪهڙي خبر تہ ڪير گودڙيءَ جو لعل (يعني لڪل ولي) آهي!

شيخِ طريقت،اَمِيرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا تہ مان **دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر تي هئس، اسان جي ريل گاڏي ۾ هڪ سنهي قد بت ۽ بغير ڏاڙهي ۽ بغير ڪشش وارو ڇوڪرو انتهائي سادو لباس پاتل سيٺي کان الڳ ڪنهن خيال ۾ گم وينو هو. ڪنهن اسٽيشن تي ٽرين بيٺي، رُڪو ٻن منٽن جو وقفو هو، اهو ڇوڪرو پليٽ فارم تي لهي ڪري هڪ **بينچ** تي ويهي رهيو. اسان سيٺي ٽيپهريءَ جي نماز جي جماعت شروع ڪئي، اڃا مس هڪڙي رڪعت ٿي هئي تہ سيٽي وڳي ماڻهن گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو تہ گاڏي وڃي رهي آهي، سڀ نماز اڌ ۾ ڇڏي ٽرين ڏانهن وڌيا تہ اهو **ڇوڪرو** ويهي رهيو ان مون کي اشاري سان ڇڙٻ ڏيندي نماز قائم ڪرڻ جو حڪم ڏنو! اسان ٻيهر جماعت قائم ڪئي حيرت انگيز طور تي ٽرين بيٺي رهي. نماز کان فارغ ٿي ڪري اسان جيئن ئي سوار ٿياسين تہ ٽرين هلڻ لڳي ۽ اهو ڇوڪرو انهيءَ **بينچ** تي ويهي لاپرواهيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو رهيو، ان مان مون کي اندازو ٿيو تہ هو ڪو ”**مجذوب**“ هوندو جنهن اسان کي نماز پڙهائڻ جي لاءِ پنهنجي روحاني طاقت سان ٽرين کي روڪي رکيو هو. (فيضانِ سُنت ،ص۴۴۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور ڏٺو ويو آهي ته وڏي عمر وارن جي بدران جيڪڏهن ڪنهن ننڍي عمر جي اسلامي ڀاءُ کي ڪا ذمه داري ڏني وڃي مثال طور ان کي امام ۽ خطيب مُقرر ڪيو وڃي، مدرسي يا جامعه جو ناظم (Organizer) بڻايو وڃي، مدرس، مُعلّم (Teacher) يا مفتش (Checker) مُقرر ڪيو وڃي، ذيلي، حلقي، علائقي، ڊويزن يا ڪابينه وغيره جي ذمه داري سونپي وڃي ته پاڻ ۾ نااتفاقي ۽ ڦڏو فساد ڪرائڻ جي لاءِ شيطان هي وسوسو وجهندو آهي ته جڏهن ڦُلاڻو ڦُلاڻو تجربي ڪار يا وڏي عُمر جو اسلامي ڀاءُ ان لائق هو ته ان کي ذمه دار بڻايو وڃي ته آخر اهڙو ڪهڙو سبب هو جو هڪ ننڍي عمر جي اسلامي ڀاءُ کي اها ذمه داري ڏني وئي. ياد رکو! مدني ماحول کان پري ڪرڻ جو اهو زبردست شيطاني وار آهي شيطان هرگز نه چاهيندو ته اسان مدني ماحول ۾ رهندي پنهنجي آخرت جو سامان گڏ ڪيون اهو ته چاهي ٿو ته بس ڪنهن نموني غيبت ۽ چغلي، بدگماني ۽ مسلمانن جي دل آزارين جي ذريعي مدني ماحول کان پري ڪري گناهن ۾ مبُتلا ڪري ڇڏي، اسان کي ان جي هن وار کي ناڪام بڻائيندي اهو ذِهن بنائڻو پوندو ته هر صَحِيحُ العَقِيده مُسلمان مون کان بهتر آهي جيڪو به اسان جو ذِمّه دار بڻايو وڃي اسان کي ان جي اطاعت ڪرڻ گهرجي ڇوته صرف تجربه ڪار هئڻ يا عمر ۾ وڏو هئڻ ئي افضليت جو دليل ناهي بلڪ ان سان گڏوگڏ تقوي ۽ پرهيزگاري به بي حد ضروري آهي، جنهن شخص ۾ ٻين سنين صفتن سان گڏ تقويٰ، خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي به هوندو اهو ٻين کان فضيلت ۽ مرتبي ۾ اعليٰ ۽ عهدي و منصب جي وڌيڪ لائق هوندو.مڪي مدني آقا، ٻه عالم جا داتا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به انهيءَ کي امير بڻائيندا هئا جيڪو تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ ٻين کان بهتر

هوندو هو. اچو! ترغيب خاطر ان باري ۾ هڪ حديثِ مبارڪ ۽ ان جي شرح پڙون ٿا ۽ ان مان مدني گل چُونڊيون ٿا، جيئن

حضرت سَيدُنا عبدُالله ابنِ عمر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھما کان روايت آهي تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ لشڪر موڪليو ۽ ان تي حضرت اُسامہ بن زيد رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْه کي امير بڻايو تہ بعض ماڻهن انهن جي اِمارت (سرداري) تي اعتراض ڪيو تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪڏهن توهان ان جي امير هئڻ ۾ طعنو ڪيو ٿا تہ توهان ان جي والد جي امير هئڻ ۾ بہ ان کان پهريان طعنو ڪندا هئا، الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هو اميري جي لائق هو ۽ هو مون کي ماڻهن مان وڌيڪ پيارو هو ۽ هي بہ ان کان پوءِ مون کي ماڻهن ۾ وڌيڪ پيارا آهن.

(بخاري،ڪتاب المغازي،باب بعث النبي اسامة ... الخ،٣/١٦١،حديث:٤٤٦٩)

مُفَسّرِ شَهير،حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه بيان ڪيل حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: حضرت (سَيدُنا) اُسامہ اِبنِ زيد (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْه) کي حضورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي حيات شريف ۾ ڪيئي ڀيرا لشڪر جو امير بڻايائون (اهڙي طرح) وفات جي قريب بہ هڪ لشڪر تي پاڻ (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْه) ئي کي امير بڻايائون ۽ ان کي "سريہ اُسامہ" چون ٿا. جڏهن پهرين ڀيري انهن کي امير بڻايو تڏهن هي واقعو پيش آيو يا هر دَفعي هي واقعو ٿيو تہ ماڻهو انهن جي امارت(سرداري) تي اِعتراض ڪندا رهيا. هي طعن ڪرڻ وارا مُنافق ۽ عرب جا ڳوناڻا ماڻهو هئا جيڪي حضرت (سَيّدُنا) زيد ۽ (حضرت سَيّدُنا) اُسامہ ابنِ زيد (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُمَا) جي اِمارت(سرداري) تي ان ڪري اِعتراض ڪندا هئا جو هي حضرات غُلام هئا ۽ عرب وارا ڪڏهن بہ غلامن کي ڪنهن جو سردار نہ بڻائيندا هئا، اسلام غُلامن کي ڪٽي سردار بڻائي ڇڏيو.(مزيد فرمائن ٿا) اسلام ۾ غُلامي آزادي جو فرق غلط آهي هتي هر مؤمن غُلام هجي يا آزاد سڀ برابر آهن، عظمت تقوي سان آهي، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ان عمل

سان هي فرق متائي ڇڏيو. (مراۃ المناجیح،۸/۳۶۵ملتقطاً)

مری عادتیں ہوں بہتر بنوں سنّتوں کا پیکر
مجھے مُتّقی بنانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻين کي حقير سمجهڻ جي مرض جو علاج

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پاڻ کي ٻين مسلمانن سان بهتر ۽ ٻين کي حقير ۽ کم تَر سمجهڻ اهڙو مُوذي مَرَض آهي جيڪو اسان ۾ تڪبُّر، غيبت، چغلي، حسد جهڙا ڪيئي مرض پيدا ڪندو آهي، تنهنڪري جيڪو بہ ان بُري آفت ۾ مُبتَلا آهي ان کي گهرجي تہ هو جلد اَز جلد ان مَرض مان پيڇو ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري. اچو! ترغيب لاءِ ان مُوذي مَرض مان نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجھ طريقن جي باري ۾ ٻڌون ٿا ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش جي نِيت ڪيون ٿا:

قرآنِ ڪريم کي ترجمو قرآن ڪنزالايمان، تفسير خزائنُ العرفان، نُورُ العرفان يا صِراطُ الجنان سان گڏ پڙهڻ جي ترڪيب ڪيو چوتہ جڏهن تلاوت دوران مُتّقي ماڻهن جا وصف ۽ انهن کي ملڻ وارو انعام، مسلمانن جا حق ۽ جهنَّم جي عذابن جو بيان نظرن جي اڳيان ايندو تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّ وَجَلَّ پنهنجي ان فعل تي سخت شرمساري ٿيندي ۽ توبہ ۽ اِستِغفار جو ذِهن ملندو.(2) پاڻ کي ائين ڏجاريو تہ مسلمانن کي حقير سمجهڻ، انهن جا بُرا لقب رکڻ، انهن تي ٺٺول جي سبب جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويو، مُصطَفٰي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رُسي ويا تہ قبر ۽ حشر جا دردناڪ عذاب ڪهڙي طرح برداشت ٿي سگهندا، (3) مڪتبة المدينہ جي شايع ڪيل اِحياءُ العُلُوم، مِنهاجُ العابِدِين، مُڪاشَفَةُ القُلُوب، قُوتُ القُلُوب، الله والوں کی باتیں وغيره ڪتابن جو مُطالعو پنهنجي

معمولات ۾ شامل ڪري وٺو ھي بہ ان مرض مان ڇوٽڪارو ماڻڻ جو بھترين طريقو آھي. (4) دعوتِ اسلامي جي سُنّتن ڀري اجتماعن ۽ مدني مُذاڪرن ۾ پابندي سان ھر ھفتي شرڪت ۽ مدني چينل جي مختلف سلسلن کي باقاعدگي سان ڏسڻ بہ ان آفت مان نجات ڏيارڻ ۾ بھترين مددگار ثابت ٿيندو. (5) دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رھو ۽ ھر مھيني گھٽ ۾ گھٽ 3 ڏينھن جي مدني قافلي ۾ سفر جي عادت بڻايو. (6) روزانو فڪرِ مدينہ ڪندي مدني انعامات جو رسالو پريو ۽ ھر مدني مھيني جي پھرين تاريخ تي پنھنجي ذمہ دار کي جمع ڪرايو اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان مسلمانن کي حقير سمجھڻ واري غلط سوچ جو جڙ مان خاتمو ٿي ويندو. (7) انھن ڳالھين تي آساني سان عمل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ڪنھن شعبي سان وابستہ ٿيو ۽ پنھنجي قابليت ۽ صلاحيت کي نيڪي جي ڪمن ۾ ترقي جي لاءِ صرف ڪيو.

## مجلس اِصلاح براءِ ڪلاڙي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جتي 103 کان وڌيڪ شُعبن ۾ خدمتِ دين جو ڪم سَر انجام ڏئي رھي آھي اتي رانديگرن جي اصلاح ۽ تَربِيت جي لاءِ بہ ھڪ شُعبو بنام ”مجلس اصلاح براءِ ڪلاڙيان“ قائم ڪيو ويو آھي جنھن جو بُنيادي مقصد رانڊين سان وابستہ ماڻھن ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني پيغام کي عام ڪرڻ ۽ انھن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪندي ھن مدني مقصد ”مون کي پنھنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻھن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آھي“ جي مُطابق زندگي گذارڻ جو مدني ذھن ڏيڻ آھي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيئي رانديگرن ۽ انھن جي گھر وارن کي مدني مقصد ”مون کي پنھنجي ۽ سڄي دنيا

جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جو ذِهن ڏيڻ جي ڪوشش جاري آهي.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌو ته عزت ۽ فضيلت جو دارو مدار تقويٰ ۽ پرهيزگاري تي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو فضيلت جو معيار تقويٰ ۽ پرهيزگاري آهي.

- تقوي اختيار ڪرڻ وارن کي بروزِ محشر ۽ جنَّت ۾ عظيمُ الشَّان انعامات سان نوازيو ويندو.
- تقوي اختيار ڪرڻ وارن جي برڪت سان عذابِ الٰهي کان امن رهندو آهي.
- تقوي اختيار ڪرڻ وارا عموماً ساده طبيعت ۽ لڪيل هوندا آهن.
- تقوي اختيار ڪرڻ وارا اهڙي وڏي شان وارا آهن جو الله تعاليٰ انهن جي ساراهه ڪندو آهي.
- تقوي اختيار ڪرڻ وارا دشمنن کان محفوظ رهندا آهن.
- تقوي اختيار ڪرڻ وارن کي الله تعاليٰ جي مدد ملندي آهي.
- تقوي اختيار ڪرڻ وارن کي رزقِ حلال ملندو آهي.

❖ تقوي اختيار ڪرڻ وارا عملن جي اصلاح ماڻيندا آهن.

❖ تقوي اختيار ڪرڻ وارن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن.

❖ تقوي اختيار ڪرڻ وارا جهنم جي باهہ کان محفوظ رهندا آهن.

❖ تقوي اختيار ڪرڻ وارا اللّٰه تبارڪ وتعاليٰ جا دوست بڻجي ويندا آهن.

واسطہ میرے پیر و مرشد کا
مجھ کو تو مُتّقی بنا یاربّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تقوي ڪيئن حاصل ڪيووڃي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ چاهيون ٿا تہ تقوي جهڙي عظيم نعمت اسان کي بہ حاصل ٿئي تہ اسان کي کپي تہ ◈ بزرگانِ دين جي تقوي بابت واقعات جو مطالعو ڪيون ◈ قرآن ۽ حديث ۾ بيان ڪيل تقوي جي عظيم الشان فضيلتن کي پيشِ نظر رکون ◈ مدني انعامات تي عمل کي پنهنجو معمول بڻايون ◈ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان منسلڪ رهون ◈ امير اهلسنت جي مدني مذاڪرن ۾ پابندي سان شرڪت ڪيون ◈ هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪيون. اللّٰه تعاليٰ پنهنجي متقي ٻانهن جي طفيل اسان کي هر مسلمان سان گڏ عزت و احترام سان پيش اچڻ واري مدني سوچ عطا فرمائي. اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽

ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧۵)

ان سب مبلّغوں کے خوابوں میں اب کرم ہو آقا جو سنّتوں کی خدمت بجا رہے ہیں

## قبرستان جي حاضري جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! شيخ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَولانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِرِي رَضَوِي ضِيائي جي رسالي 163 مدني گل صفحي نمبر36 تان قبرستان جي حاضري بابت سنتون ۽ آداب سکون ٿا: ◈ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو، پر هاڻي توهان قبرن جي زيارت ڪيو، ڇوته هي دنيا مان بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي.

(اِبن ماجه،٢۵٢/٢،حديث١۵٧١)

◈ (وليُّ الله جي مزار شريف يا) ڪنهن بہ مسلمان جي قبر جي زيارت ڪرڻ لاءِ وڃڻ چاهيو تہ مستحب هي آهي تہ پهرين پنهنجي گھر (غير مڪروهہ وقت) ۾ بہ رڪعتون نفل پڙهي، هر رڪعت ۾ سورةُ الفَاتِحه کان پوءِ هڪ ڀيرو آيةُ الکُرسِي ۽ ٽي ڀيرا سورةُ الاِخلاص پڙهي ان نماز جو ثواب صاحبِ قبر کي پهچائي، اللهُ تعاليٰ ان فوت ٿيل شخص جي قبر ۾ نور پيدا ڪندو ۽ ان (ثواب پهچائڻ واري) شخص کي تمام گھڻو ثواب عطا فرمائيندو. (فتاوي هنديه،٣۵٠/۵) ◈ مزار شريف يا قبر جي زيارت لاءِ ويندي وات تي فضول ڳالهين ۾ مشغول نہ ٿيو. (ايضاً) ◈ قبرستان ۾ ان عام رستي کان وڃو جتي ماضي ۾ بہ ڪڏهن مسلمانن جون قبرون نہ هيون، جيڪو نئون رستو ناهيو ويو آهي ان تي نہ

هلي، ”ردالمحتار“ ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ختم ڪري) جيڪو نئون رستو ناهيو ويو ان تي هلڻ بہ حرام آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 612) بلڪ نئي رستي جو گمان هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي. (درمختار ج 3 ص 183) ◈ ڪئي اوليائن جي مزارن تي ڏنو ويو آهي تہ زائرين جي سهولت خاطر مسلمانن جون قبرون ڊاهي ڪري فرش ناهيو ويندو آهي، اهڙي فرش تي ليٽڻ، هلڻ، ويهڻ، تلاوت ۽ ذِڪر اَذڪار جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، پري کان ئي فاتحہ پڙهي وٺو ◈ قبر جي زيارت ميّت جي چهري جي سامهون ويهي ڪري ۽ ان (يعني قبر واري) جي پيراندي واري پاسي کان وڃجي جو ان جي نگاهہ سامهون هجي، سيراندي کان نہ اچي جو ان کي مٿو کڻي ڏسڻو پوندو. (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 532) ◈ قبرستان ۾ انهيءَ طرح بيهو جو قبلي ڏانهن پُٺ ۽ قبر وارن جي چهري ڏانهن منهن هجي ان کان پوءِ چوي: اَلسَّلامُ عَلَيكمْ يا اَهْلَ الْقُبُوْرِ يغْفِرُ الله لَنَا وَلَكمْ اَنْتُمْ لَنَا سَلَفٌ وَّنَحنُ بِالْاَثَر يعني: اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهرين اچي ويا ۽ اسين توهان کان پوءِ اچڻ وارا آهيون. (فتاويٰ هندية، ۵ /۳۵۰) ◈ قبر جي مٿي اگربتي نہ ٻاري وڃي هن ۾ بي ادبي ۽ بد فالي آهي (۽ هن سان ميت کي تڪليف ٿيندي آهي) ها جيڪڏهن (حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاهيو تہ) قبر وٽ خالي جڳهہ هجي اتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب آهي. (فتاويٰ رضويہ،۹/۴۸۲، ۵۲۵ملخصاً) ◈ قبر تي ڏيئو يا ميڻ بتي وغيره نہ رکو جو اهي باهہ آهن، قبر تي باهہ رکڻ سان ميّت کي اَذِيّت (يعني تڪليف) ٿيندي آهي، ها رات ۾ راهہ هلندڙن جي لاءِ روشني مقصود هجي تہ قبر جي هڪ پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکي سگهو ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 (صفحا 312) ۽ 120 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”سنتين ۽ آداب“، رسالو ”163 مدني گل“ ۽ ”101 مدني گل“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ بغور انهن جو مطالعو فرمايو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنتیں سیکھنے، تین دن کے لیے ہر مہینے چلیں ، قافلے میں چلو

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ
الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوۡلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّم

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4)ڇهہ لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیۡ عِلۡمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلۡكِ اللّٰہ

حضرت اَحمدصاوِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

1 ...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

2 ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

3 ...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُودِ شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[3]

## (1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

[1] ...القول البديع،الباب الاول،ص125

[2] ... الترغيب والترہيب،كتاب الذكر و الدعاء،۲/۳۲۹،حديث:۳۰

[3] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو ته ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[1]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]… تاريخ ابنِ عساکر،١٩/١٥٥،حديث:۴۴١۵